# مهاڳ

اي ايس ايل پي ڊيري پروجيڪٽ آسٽريلوي ۽ پاڪستاني حڪومت جي وچ ۾ هڪ اهڙو منصوبو آهي. جنهن جو مقصد توسيعي سڪيا جي ذريعي ننڍن ڊيري فارمرز جي جانورن جي پيداوار وڌائي ان جي معاشي ۽ معاشرتي حالت ۾ بهتري آڻڻ آهي . پاڪستان ۾ خاص طور تي ننڍا ڊيري فارمرز گهٽ شرح خواندگي ۽ جديد فني معلومات تائين محدود رسائي جي ڪري جانورن جي پيداواري صلاحيت مان ڀرپور فائدو حاصل نہ ڪري رهيا آهن . تنهن ڪري ملڪي سطح تي هڪ منظم، گڏيل ۽ جديد توسيعي پروگرام ڪي برابري جي بنياد تي تر تيب ڏيڻ انتهائي ضروري آهي .

هن تربيتي ڪتاب جو مقصد ڪنهن بہ توسيعي پروگرام سان لاڳاپيل فردن جي لاءِ اهڙيون سفارشون مُرتب ڪرڻ آهي جنهن تي عمل ڪري هو پنهجي گهربل مقصدن کي بهتر انداز ۾ حاصل ڪري سگهن . هن تربيتي ڪتاب جي نرالي خوبي هي آهي تہ هن ۾ موجود سفارشون مستند ذريعن ۽ ذاتي تجربن تي ٻڌل آهن جيڪي ڊيري ٽيم کي پراجيڪٽ جي توسيعي سرگرمين جي دوران حاصل ٿيون آهن . هن ترتيبي ڪتاب کي ڇپائڻ لاءِ اسان آسٽريلوي حڪومت جي بين الاقوامي زرعي تحقيقاتي اداري جا ٿورائتا آهيون .

**ڊيري ٽيم**

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| .1 | تعارف | 1 |
| .2 | توسيعي پروگرام جا جزا | 2 |
| .3 | توسيعي پروگرام جا انتظامي ڪم | 3 |
| .4 | فارمرز جا تربيتي پروگرام | 9 |
| .5 | توسيعي ڪارڪنن جو تربيتي ورڪشاپ | 11 |
| .6 | توسيعي پروگرام ۾ معلومات گڏ ڪرڻ جي اهميت | 13 |
| .7 | توسيعي پروگرام ۾ موئثر پيغام رسائي جي اهميت | 15 |
| .8 | ڪميونٽي فارمنگ | 18 |

## تعارف

پاڪستان ۾ آبادي جو تقريبن هڪ چوٿائي حصو لائيوسٽاڪ جي شعبي سان لاڳاپيل آهي . جن جي گهڻائي پهنجي جانورن جي پيداواري صلاحيت مان ڀرپور فائدو نہ وٺي رهي آهي . ان جو هڪ وڏو سبب منظم توسيعي پروگرام جي گهٽتائي آهي . انهي صورت حال کي نظر ۾ رکندي اي ايس ايل پي ڊيري پراجيڪٽ خاص ڪري ننڍن ڊيري فارمرز جي لاءِ هڪ گڏيل ۽ قابل عمل توسيعي پروگرام متعارف ڪرايو آهي . جنهن جو مقصد ڪنهن بہ قسم جي مالي مدد ڏيڻ بنا انهن جي جانورن ۾ کير ۽ گوشت جي پيداوار وڌائي انهن جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن ۾ بهتري آڻڻ آهي . انهي پروگرام جي هر مرحلي کي قابل عمل بڻائڻ جي لاءِ حقيقتن، تجربن ۽ مسلسل تحقيق مان فائدو ورتو ويو آهي . اهو ئي سبب آهي تہ انهي پروگرام ۾ ننڍن ڊيري فارمرز ۾ توسيعي پيغامن تي عمل ڪرڻ جي شرح 60 سيڪڙو کان بہ وڌيڪ رهي آهي جيڪو انهي پروگرام جي ڪاميابي جو سڌو سئون ثبوت آهي . انهي ڪتاب ۾ڏنل سفارشن تي عمل ڪري ڪنهن بہ توسيعي پروگرام مان بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ ممڪن بڻائي سگهجي ٿو .



## توسيعي پروگرام جا جزا

توسيعي پروگرام جي بنيادي جزن ۾ فارمرز، توسيعي ڪارڪنن ۽ تحقيقاتي ادارا شامل آهن . جنهن جو مقصد نہ صرف جديد، مستند ۽ قابل عمل تحقيقي معلومات کي توسيعي ڪارڪنن جي ذريعي فارمرز تائين پهچائڻ آهي پر انهي معلومات جي متعلق فارمرز جي راين کان محققن کي آگاهہ ڪرڻ آهي تہ جيئن هو ان جي روشني ۾ نوان تحقيقي منصوبا ترتيب ڏئي سگهن . اسان جي ملڪ ۾ بدقسمتي سان اهڙن منظم توسيعي پروگرامن جي کوٽ آهي . جنهن جي ڪري اسان جانورن جي پيداواري صلاحيت مان ڀرپور فائدو حاصل نہ ڪري رهيا آهيون .




توسيعي پروگرام جو خاڪو

## توسيعي پروگرام جا انتظامي ڪم

ڪنهن بہ توسيعي پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ جي لاءِ انهن جي مقصدن کي نظر ۾ رکندي گڏيل منصوبہ بندي تنظيمي سرگرمين جو لائح عمل ۽ مسلسل جانچڻ جي نظام کي ترتيب ڏيڻ انتهائي ضروري آهي .

### مقصدن جي نشاندهي

توسيعي پروگرام جي واضح مقصدن جي نشاندهي ڪرڻ انتهائي ضروري آهي تہ جيئن وسيلن جي موئثراستعمال کي يقيني بڻائي گڏيل منصوبہ بندي جي تحت توسيعي سرگرمين کي صحيح رخ ڏنو وڃي . انهي فهرست ۾سڀ کان پهريان ابتدائي سروي جي ذريعي فارمرز جي مسئلن جي سڃاڻپ ڪئي ويندي آهي جنهن مان حاصل ٿيندڙ معلومات تجربيڪار ماهرين جي مشورن سان توسيعي پروگرام جي مقصدن جو اندازو ڪيو ويندو . ان ڪانپوءِ انهن جي حاصلات جي لاءِ حقيقت تي ٻڌل قابل عمل ٽارگيٽ مقرر ڪيا ويندا آهن .

### منصوبہ بندي

توسيعي پروگرام جي ڪارڪردگي جو دارومدار منصوبہ بندي تي هوندو آهي جنهن ۾ هيٺ ڏنل ڪم شامل آهن :

### حڪمت عملي

مقصدن کي نظر ۾ رکندي جديد ۽ مستند معلومات کي موئثر انداز ۾ فارمرز تائين پهچائڻ جي لاءِ هيٺ ڏنل مان بهترين حڪمت عملي اختيار ڪري سگهجي ٿي :





### ماهرين کان فارمرز تائين معلومات جي سڌي سئين منتقلي

انهي ۾ معلومات فارمرز کي پيش ايندڙ مسئلن جي بنياد تي ترتيب ڏني ويندي آهي .



### فارمرز جي گڏيل مشورن سان معلومات جي منتقلي

انهي ۾ فارمرز پنهنجي مسئلن جي سڃاڻپ ڪري بهتر حل تجويز ڪندا آهن انهي عمل ۾ توسيعي ڪارڪن صرف مددگار جو ڪردار ادا ڪندو آهي .



### انفرادي سطح تي معلومات جي منتقلي

انهي ۾توسيعي ڪارڪن فامرز سان انفرادي طور تي ملاقات ڪري نہ صرف بنيادي مسئلن جي سڃاڻپ ڪندو آهي پر ان جو موئثر حل بہ تجويز ڪندو آهي . انهي حڪمت عملي جي انفراديت اها آهي تہ توسيعي ڪارڪن ۽ فارمرز جي وچ ۾ گڏيل اعتماد جو رشتو مضبوط ٿيندو آهي .



### رسمي تعليم ۽ تربيت

انهي ۾ فارمرز جي لاءِ مخصوص عنوانن تي مشتمل محدود عرصي جي لاءِ هڪ منظم تربيتي پروگرام کي ترتيب ڏنو ويندو آهي جنهن مان تيار ٿيندڙ هنرمند شخصي طاقت معاشري ۾ مثبت تبديلي جو سبب بڻجي ٿي .

## سرگرمين جو لائح عمل

توسيعي پروگرام جي ڪاميابي جي لاءِ سرگرمين جو انتظامي لائح عمل ترتيب ڏيڻ انتهائي ضروري آهي . جنهن جا اهم ڪم هيٺ ڏنل آهن :

### مددگار ادارن جي چونڊ



پروگرام جي عمل درآمد ڪرڻ جي لاءِ لاڳاپيل ادارن جي سڃاڻپ ڪري بهترين مددگار جي چونڊ ڪرڻ گهرجي. انهي مقصد جي لاءِ انهن جا مقصد ۽ ارادا، ماضي جي ڪارگردگي ۽ پيشه وراڻين مهارتن کي نظر ۾ رکڻ انتهائي ضروري آهي. انهي کان علاوه ان مددگار ادارن سان گڏ قاعدن ۽ ضابطن جي روشني ۾ شراڪتي معاهدا طئي ڪريو ته جيئن مستقبل ۾ ايندڙ مسئلن کان بچي سگهجي .

### خاندان جي شرڪت



اسان وٽ گهڻو ڪري توسيعي پروگرامن ۾ مردن جي تربيت کي ترجيح ڏني ويندي آهي جڏهن ته ڊيري فارم جا گهڻا ڪم گهر جا سڀ ڀاتي ملي ڪري سرانجام ڏيندا آهن. تنهن ڪري پروگرام جي مقصدن کي نظر ۾ رکندي توسيعي سرگرمين ۾ مرد، عورتون ۽ ٻارن سڀني کي شامل ڪيو وڃي ته جيئن بهتر نتيجن کي حاصل ڪرڻ ممڪن بڻائي سگهجي. اسان جي هڪ تحقيق جي مطابق توسيعي پروگرام ۾ سڄي خاندان جي شرڪت سان ٽي ڀيرا وڌيڪ نتيجا حاصل ڪري سگهجن.



### مالي امداد کان بغير پروگرام



گهڻو ڪري توسيعي پروگرامن ۾ مالي امداد ڏيڻ جو رواج عام آهي جنهن جي ڪري فارمرز جو گهڻو ڌيان مالي امداد کي حاصل ڪرڻ تي هوندو آهي جيڪو انهن جي توسيعي سرگرمين ۾ غير دلچسپي جو سبب بڻجي ٿي. هڪ چوڻي جي مطابق مڇي پڪڙي ڏيڻ بجائي انهي کي پڪڙڻ جو هنر سيکارڻ گهرجي . انهي ڪري ضروري آهي ته بهتر نتيجن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ مالي امداد کان بنا پروگرام ناهيو وڃي جيڪو فارمرز جي مسلسل معاشي ۽ معاشرتي حالتن ۾ بهتري جو سبب بڻجي سگهي .

### توسيعي مواد جي تياري



فارمرز ۽ توسيعي ڪارڪنن جي تعليم ۽ تربيت جي لاءِ معياري توسيعي مواد کي بنيادي اهميت حاصل آهي . هي مواد نه صرف عام طور تي سمجهندڙ ۽ قابل عمل خاصيتون رکندڙ هجي پر انهي مان گهڻي عرصي تائين فائدا به حاصل ٿين. مواد جي تياري ۾ انهي ڳالهه جو خاص خيال رهي ته انهي ۾ شامل تحقيقي انگ اکر ۽ تصويرون مقامي حالاتن جون ڀرپور عڪاسي ڪنديون هجن . بهتر اهو آهي ته هي مواد فارمرز، توسيعي ڪارڪنن ۽ ٻين فردن جي ضرورت کي مدنظر رکي ڪري ٺاهڻ گهرجي.

## توسيعي ڪارڪن جي چونڊ

ڪنهن بہ توسيعي پروگرام ۾ توسيعي ڪارڪن کي هڪ بنيادي حيثيت حاصل هوندي آهي جيڪو ماهرن ۽ فارمرز جي وچ ۾ رابطي جو اهم ترين ذريعو آهي. توسيعي ڪارڪن جي چونڊ هميشہ پروگرام جي مقصدن کي نظر ۾ رکندي ڪئي وڃي . مثال طور تي جيڪڏهن پروگرام جو مقصد حفاظتي ٽڪن لڳائڻ جو هجي تہ ويٽرنري اسسٽنٽ بهتر چونڊ آهي جڏهن تہ باقاعده تربيتي پروگرامن جي لاءِ ويٽرنري ڊاڪٽر بهتر ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪري سگهي ٿو .






## علائقي جي چونڊ



علائقي جي چونڊ پروگرام جي گهربل مقصدن کي نظر ۾ رکندي ڪرڻ گهرجي. مثال طور تي جيڪڏهن ٽنل فارمنگ کي هٿي ڏيڻي هجي تہ سِم ۽ ڪلر وارن علائقن جي چونڊ پروگرام جي ناڪامي جو سبب بڻجي سگهي ٿي . انهي کان علاوه انهي علائقي ۾ بهتر معلومات جي شرح، بنيادي سهولتن جي موجودگي ۽ بهتر آمدرفت جي ذريعن سان گڏوگڏ منڊين تائين آسان رسائي بہ ميسر هجڻ گهرجي.

## فارمرز جي چونڊ





توسيعي پروگرام جي نوعيت کي سامهون رکندي بهترين فارمرز جي چونڊ هڪ اهم ترين مرحلو آهي. اسان وٽ گهڻو ڪري توسيعي پروگرامن جي ناڪامي جو هڪ اهم ڪارڻ غير موزون فامرز جي چونڊ آهي . ان ڪري بهتر آهي تہ پڙهيل لکيل ۽ سٺي سوچ رکندڙ فردن کي ترجيح ڏني وڃي . ان کان علاوه لاڳاپيل شعبي سان ڀرپور واسطو رکندڙ ۽ بهتر سماجي رابطا رکندڙ فرد بهترين چونڊ ٿي سگهن ٿا . ڊيري ٽيم جي مشاهدن جي مطابق 30 کان 50 سال جي عمر جا فارمرز بهتر سمجهہ ۽ مضبوط فيصلن جي طاقت جي ڪري پروگرام جي تجويز ڪيل سفارشن تي عمل ڪرڻ جي لاءِ با آساني راضي ٿي ويندا آهن . تنهن ڪري انهي عمر جا فامرز هڪ بهترين چونڊ ثابت ٿي سگهن ٿا .

## مقامي رضا ڪار جي چونڊ



منظم توسيعي پروگرام جي منعقد جي لاءِ فارمرز جي مشوري سان هڪ متحرڪ، قاعدانہ صلاحيتون رکندڙ ۽ فلاحي ڪمن ۾ دلچسپي رکڻ واري مقامي رضا ڪار جي چونڊ ڪريو. هي رابطہ ڪار فارمرز تائين پيغام رسائي ۽ توسيعي سرگرمين جي انتظامي ڪمن کي بخوبي سرانجام ڏيڻ جي لاءِ بهتر ڪردار ادا ڪندو آهي. انهي کان علاوه پروگرام جي سفارشن تي عمل ڪري ٻين جي لاءِ هڪ مثالي نمونو بڻجي سگهي ٿو. مقامي رضا ڪار جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جي لاءِ وقت بہ وقت انهي جي حوصلا افزائي بہ ڪرڻ گهرجي.

## فارمرز جو تربيتي پروگرام

توسيعي پروگرام مان ڀرپور نتيجا حاصل ڪرڻ جي لاءِ فارمرز جي باقاعده منظم تربيتي پروگرام کي ٿاهڻ انتهائي ضروري آهي. تنهن ڪري ڪامياب تربيتي پروگرام منعقد ڪرڻ جي لاءِ هيٺ ڏنل سفارشن تي عمل ڪرڻ گهرجي :

- تربيتي پروگرام ۾ فارمرز جي ڀرپور گڏجاڻي ۽ دلچسپي کي برقرار رکڻ جي لاءِ انهن جي لڳاتار متحرڪ ڪرڻ جي عمل کي يقيني بڻايو وڃي.
- فارمرز ميٽنگ جي لاءِ هميشہ تنازعن کان بغير، گوڙ گهمسان کان پاڪ ۽ موسمي حالت جي مطابق جڳهہ جو انتخاب ڪيو.
- ميٽنگ جي وقت جي نشاندهي ڪندي فارمرز جي روزمره مصروفيتن، موسمي تبديلين، ڏک سُک جا موقعا ۽ خاص ڪري فصلن جي پوکائي ۽ لڻائي جي وقتن کي نظر ۾ رکيو وڃي. عام طور تي منجهند کان پوءِ جو وقت ميٽنگ جي لاءِ موزون سمجهو وڃي ٿو.
- عورتن جي ميٽنگ جي لاءِ پهچ جي قابل جڳهہ جي بندوبست سان گڏوگڏ ثقافتي ۽ علاقائي قدرن جو بہ خيال رکڻ انتهائي ضروري آهي.



- ميٽنگ جي لاءِ منتخب ڪيل جڳهہ ۽ وقت جي اڳواٽ اطلاع سان فارمرز جي ڀرپور شرڪت کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو.
- انتظاميہ ميٽنگ کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ اڳ پهچن تہ جيئن سيئي انتظام جهڙوڪ ميٽينگ جي اطلاع، فارمرز جي ويهڻ جو مناسب انتظام ۽ ٻين ڪمن جو جائزو وٺي سگهن. ميٽينگ کان پهريان توسيعي مواد، رابطي جي ذريعن ۽ عملي سرگرمين جي لاءِ گهربل سامان جي دستيابي کي يقيني بڻايو.
- فارمرز کي ميٽنگ جي قاعدن ۽ اصولن کان آگاهہ ڪيو وڃي مثال طور تي فون جي غير ضروري استعمال ۽ غير ضروري ڳالهين کان پرهيز وغيره.
- فارمرز جي دلچسپي کي برقرار رکڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ هر ڀيرو مختلف موضوعن جي لاءِ جديد طريقن مثلن ويڊيوز، تصويرن، ڪوئزز، گڏيل بحث ومباحثو ۽ ڊرامن وغيره جو بهتر انداز ۾ استعمال ڪيو وڃي.
- ميٽنگ ۾ ٻڌايل موضوع مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن ويجهي ماڊل فارم جي وزٽ جو بندوبست ڪيو وڃي جتي متعلقہ سفارشن تي عمل ٿي رهيو هجي.
- انهي ڳالهہ جو خاص خيال رکجي تہ ليڪچر هميشہ دلچسپ، مقامي زبان ۽ مختصر وقت جو هجي. انهي کان علاوه انهي کي پراثر ٿاهڻ جي لاءِ عملي مثالن جو استعمال ڪيو وڃي. ميٽنگ جي آخر ۾ ٻڌايل اهم نڪتن کي ٻيهر دهرايو وڃي ۽ فارمرز کي سوال ڪرڻ جو ڀرپور موقعو ڏنو وڃي.







## توسيعي ڪارڪنن جو تربيتي ورڪشاپ

توسيعي سرگرمين کي بهتر طور تي سرانجام ڏيڻ جي لاءِ توسيعي ڪارڪنن جي لاءِ باقاعدگي سان مرحلي وار تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪرڻ انتهائي ضروري آهي . انهي ورڪشاپس ۾ توسيعي ڪارڪنن کي جديد تحقيقي ۽ ٽيڪنيڪي تربيت ڏني وڃي جنهن سان انهن جي پيشہ وراڻين صلاحتين ۾ وڌيڪ نکار آڻي سگهجي ٿو . ڪامياب تربيتي ورڪشاپ کي منعقد جي لاءِ هيٺ ڏنل ڪمن کي نظر ۾ رکڻ گهرجي :








- ورڪشاپ جي مقصدن جي نشاندهي ڪرڻ ڪانپوءِ انتظامي ڪميٽي ٺاهيو ۽ انهي جي ميمبرن کي انهي جي اهليت جي مطابق ذميداري ڏني وڃي .
- ورڪشاپ جي جا مع منصوبہ بندي ڪري ٿيندڙ خرچن جو اندازو لڳائيو وڃي .
- شرڪت ڪندڙن جي سهولت جي مطابق مناسب تاريخ، وقت ۽ جڳهہ جي نشاندهي ڪري سرگرمين جو شيڊول ترتيب ڏنو وڃي .
- شرڪت ڪندڙن کي بروقت دعوت نامہ ۽ شيڊول موڪليو ۽ انهن جي شموليت کي يقيني بنائڻ جي لاءِ انهن سان ٻيهر رابطو ڪيو وڃي .
- شرڪت ڪندڙن جي مناسب قيام وطعام سان گڏوگڏ ورڪشاپ جون ٻيون ڪتب ايندڙ شيون جهڙوڪ توسيعي ڪتابچہ، اعزازي سندون، اسٽيشنري ۽ تُحفن وغيره جو پهريان بندوبست ڪيو وڃي .
- ورڪشاپ جي شروعات ڪان پهريان، معلوماتي ذريعن ۽ عملي سرگرمين جي لاءِ گهربل سامان جي دستيابي کي يقيني بڻايو .



- شرڪت ڪندڙن جي ويهڻ جي ترتيب اهڙي طرح ڪيو تہ جيئن مقرر ۽ حاضرين جي وچ ۾ مسلسل رابطو قائم رهي .
- حاضرين کي بهتر انداز ۾ سمجهائڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ مختلف توسيعي طريقن مثلن ويڊيوز، تصويري خاڪا، ڪوئز، عملي سرگرمين وغيره جو موئثر انداز ۾ استعمال ڪيو وڃي .
- آخر ۾ شرڪت ڪندڙن ڪان ورڪشاپ متعلق تاثرات وٺو تہ جيئن ٻيهر ايندڙ ورڪشاپ ۾ بهتر منصوبہ بندي ڪري سگهجي .
- شرڪت ڪندڙن جي حوصلا افزائي جي لاءِ سندون ڏنيون وڃن .



## توسيعي پروگرام ۾ معلومات گڏ ڪرڻ جي اهميت

توسيعي پروگرام کي صحيح رخ ۾ هلائڻ، ڪارڪردگي کي جانچڻ، وسيلن جو صحيح استعمال ڪرڻ ۽ بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ جي لاءِ گهربل معلومات حاصل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي .تنهنڪري ضرورت کي نظر ۾ رکندي هيٺ ڏنل طريقن سان معلومات گڏ ڪرڻ ۾ مدد وٺي سگهجي ٿي .

### سروي

منظم سوالنامي جي مدد سان معلومات گڏ ڪرڻ جي طريقي کي عام طور تي سروي چيو ويندو آهي جنهن جا هيٺ ڏنل قسم آهن .

### ابتدائي سروي



ابتدائي سروي مان فارمرز جون موجود حقيقتون، پيش آيل مسئلن ۽ ترجيحن جو جائزو وٺي توسيعي سرگرمين جي حڪمت عملي کي ٺاهڻ ۾ مدد ملي ٿي . ضرورت انهي ڳالهه جي آهي تہ سوالنامو ٺاهڻ کان پهريان مقصد، لائح عمل ۽ تجزياتي طريقيڪار کي واضح ڪيو وڃي. انهي کان علاوه سوالنامو مختصر ۽ جامع هجڻ گهرجي. سروي جي لاءِ وقت، وسيلن جو موئثر استعمال ۽ غلطين جي خطري کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ جديد ٽيڪنالاجي مثالطور آئي سروي جو استعمال ڪري سگهجي ٿو.

### وڏي عرصي تي مشتمل سروي



وڏي عرصي تي مشتمل سروي جي ذريعي توسيعي پروگرام جي فائدن ۽ توسيعي تعليم وتربيت جي نتيجي ۾ ٿيڻ وارين تبديلين کي جانچي سگهجي ٿو. باقاعدا ۽ مسلسل مشاهدن جي آڌار تي انهي سروي مان حاصل











ٿيڻ واري معلومات وڏيڪ مستند هوندي آهي اهوئي سبب آهي تہ اهڙي معلومات کي بين الاقوامي شهرت جي رکندڙ جرنلس ۾ باآساني شائع ڪرائي سگهجي ٿو . انهي کان علاوه انهي جي سفارشن سان فارمرز، تحقيق ڪندڙ، پاليسي جوڙيندڙ ۽ ٻيا واسطيدار ادارا بہ فائدو وٺي سگهن ٿا . انهي سروي جي لاءِ گهڻو وقت ۽ وسيلا گهربل هوندا آهن انهي ڪري گهڻو ڪري توسيعي ادارا انهي قسم جي سروي کان پاسو ڪندا آهن. انهي پسمنظر ۾ ڊيري پراجيڪٽ فارمنگ سان لاڳاپيل تمام ڪمن جي داخلا لاءِ ريڪارڊ بڪ ٺاهيو جنهن ۾ جانورن جي خوراڪ، سارسنڀال، صحت، نسل جي واڌاري ۽ کير جي پيداوار وغيره جي متعلق معلومات مهيني جي بنياد تي گڏ ڪئي ويندي آهي .

### جانچڪاري سروي

توسيعي پروگرام جي آخر تي معاشي، سماجي ۽ ماحولياتي تبديلين جي باري ۾ معلومات گڏ ڪرڻ جي عمل کي جانچڪاري سروي چيو ويندو آهي . عام طور تي اهڙا سروي پروگرام جي آخر تي ڪيا ويندا آهن تہ جيئن حاصل ٿيندڙ تجربن مان ٻيا ادارا فائدا حاصل ڪري سگهن .

### مخصوص جائزو (Case Study)

انهي طريقي مان ڪنهن هڪ فرد يا گروهہ کي مخصوص موضوع تي انٽرويو/ معلومات جي ذريعي سان جانچيو وڃي ٿو. جنهن مان حاصل



توسيعي سفارشن جي واڌاري ۽ فارمرز جي حوصلا افزائي جي لاءِ مقابلا ۽ ميلا به ڪرائي سگهجن ٿا .



مسئلن مان آگاهي ۽ انهن جي بهتر حل ڪي ڊرامي جي صورت ۾ پيش ڪرڻ سان فارمرز جي دلچسپي ۽ سمجهه ڪي وڌائي سگجي ٿو .

## پيغام رسائي تي اثر انداز ٿيڻ وارا عمل

| فارمرز | توسيعي ڪارڪن | ذريعا پيغام رسائي |
|---|---|---|
| دلچسپي جو نه هجڻ | موضوع تي مهارت نه هجڻ | گوڙ گهمسان |
| گڏيل اختلاف | عدم اعتماد | شديد موسمي حالات |
| طبقاتي فرق | علاقائي زبان تي مهارت نه هجڻ | فارمرز جي ويهڻ جي ترتيب |
| ميٽنگ جو غير مناسب وقت ۽ جڳهه | ڌيمون آواز | توسيعي سامان جو غير موئثراستعمال |
| بدنظمي | ناڪاري رويو | غير مناسب توسيعي مواد |



## فارمرز جا اختلاف ۽ انهن جوحل

فارمرز جا اختلاف توسيعي سرگرمين تي ناڪاري اثر ڇڏيندا آهن جيڪو هيٺ ڏنل سببن جي ڪري پيدا ٿي سگهن ٿا :

- مذهبي، سياسي ۽ طبقاتي فرق
- برداشت جو نه هجڻ
- وسيلن جو صحيح طريقي جي ورهاست جو نه ٿيڻ
- معاملن ۾ پنهنجي هلائڻ
- تنظيم جي قائدن ۽ ظابطن تي عمل نه ڪرڻ
- غير ذميداراڻا رويو

توسيعي ڪارڪن کي پنهجي علائقي ۾ فارمرز جي وچ ۾ ٿيندڙ اختلافن جي باري ۾ مڪمل آگاهي هجڻ گهرجي ته جيئن هو انهي جي حل جي لاءِ بروقت ۽ **موئثر حڪمت عملي** ترتيب ڏئي سگهي . انهي صورت حال ۾ توسيعي ڪارڪن کي هميشه **غير جانبدار** رويو اختيار ڪندي حقيقتن جي روشني ۾ گڏيل ڳالهين سان اختلافن جو حل ڪيڻ گهرجي ٻي صورت ۾ غير جانبدار ڪنهن چڱي ماڻهو جي مدد به وٺي سگهجي ٿي .

## ڪميونٽي فارمنگ

ننڍا فارمرز ڪميونٽي فارمنگ جي ذريعي ئي بهتر منافعو حاصل ڪري سگهن ٿا. پر بدقسمتي سان اسان وٽ دلچسپي، گڏيل اعتماد جي گهٽتائي، غيرمستقل مزاجي ۽ موجوده وسيلن جي غيرموئثر استعمال سان گڏوگڏ غير واضع مقصد ۽ موجوده حالاتن جو مڪمل جائزو نه وٺڻ جي ڪري گهربل نتيجا حاصل نه ٿي رهيا آهن . انهي جي برعڪس دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ترقي يافته ملڪن مثلن انڊونيشيا، انڊيا، بنگلا ديش، ملائيشا ۽ٿائليند وغيره ۾ ڪميونيٽي فارمنگ جا ماڊل نهايت ڪاميابي سان هلايا وڃن پيا . انهي کي نظر ۾ رکندي ڊيري پراجيڪٽ ويٽرنري يونيورسٽي جي مدد سان پتوڪي (ضلعو قصور) ۾ ”منڊيڪي ڪميونيٽي فارم“ ناهيو ويوآهي جيڪو فارمرز جي پهنجي مدد پاڻ جي هڪ اعلىٰ مثال آهي. انهي ڪان

علاوه پراجيڪٽ جا ٻين ضلعن ۾ ٻه فارمرز جي گڏيل ڪاروبار جا ٻيا ڪيترا ئي منصوبا ترتيب ڏنا آهن . جنهن ۾ کير جي گڏيل مارڪيٽينگ، کير مان ٺهندڙ شيون ۽ ڳوٺاڻي سطح تي ساون گاهن جي معياري ٻجن جي پيداوار وغيره شامل آهن .








انهي تجربن جي روشني ۾ ڪامياب ڪميونيٽي فارمنگ جي لاءِ سفارشون هيٺ ڏنل آهن :

- مثبت سوچ رکندڙ متحرڪ، فرض شناس ۽ گڏيل مفاد جا خواهشمند رکندڙ فارمرز تي مشتعمل ڪميٽي ٺاهيو .
- ڪميونٽي جا سڀئي ميمبر گڏيل مشوري سان ڪميونٽي فارمنگ جي انهي ماڊل جي قاعدن ۽ ضابطن اهڙي طرح ترتيب ڏين ته جيئن هر ميمبر نفع ۽ نقصان جو برابر حصيدار هجي .
- ڪامياب ڪميونٽي فارمنگ جي لاءِ مقامي حالتن ۽ مقصدن کي نظر ۾ رکندي مظبوط حڪمت عملي ترتيب ڏيو ۽ باقاعدگي سان انهي ماڊل جي ڪارگردگي جو باريڪ بيني سان تجزيو ڪندا رهو .
- ڪميونٽي فارمنگ جي ميمبرن جي صلاحتين جي مطابق مالي مدد ڏيڻ بنا ذميداريون سونپيون وڃن ۽ وقت به وقت تبديل ڪندا رهو ته جيئن مخصوص فردن جي **اجارا داري** (پنهنجي هلائڻ) قائم نه ٿي سگهي .
- ڪميونٽي فارمنگ جي تمام ڪمن جو ريڪاڊ رکڻ انتهائي ضروري آهي ته انهي مان حاصل ٿيڻ وارو نفع ۽ نقصان جانچي سگهجي .



- انهي ڳالهه جو خاص خيال رکو ته ڪمرشل سرگرمين ڪانسواءِ ڪميونٽي فارمنگ کي مستقل بنيادن تي نٿو هلائي سگهجي .
- ڪامياب ڪميونٽي فارمنگ جي لاءِ گهربل وسيلن ۽ شين جي گڏيل خريد ۽ فروخت کي واڌارو ڏنو وڃي .
- منافع جي شرح کي وڌيڪ وڌائڻ جي لاء شهر ۾ دڪان يا مارٽ کولي ڪري ڪميونٽي پنهجي شين کي سڌوسئون وڪڻي سگهي ٿي .
- ڪميونٽي فارمنگ سان لاڳاپيل ٽڪنيڪي مدد جي لاءِ ميمبرن جو حڪومت جي چونڊيل تحقيقي ادرن سان گڏيل رابطو انتهائي ضروري آهي .
- ڪاروبار کي مزيد بهتري ڏيڻ جي لاءِ ڪميونٽي پنهجي ويجهي ڳوٺ ۾ سرگرمين کي جاري ڪري سگهي ٿي .



# توسيعي پروگرام جي ڪاميابي جا رهنما اصول



Charles Sturt University

Australian AID

## اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ

يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز لاهور.

Charles Sturt University

Australian AID

اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ

يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز لاهور.

فون: 042-37212339 ويب سائيٽ: www.aslpdairy.pk